Australian Government
Australian Centre for International Agricultural Research
Australian Aid
Aik Saath ایک ساتھ 'Together'

# دست يا جلاب

## تعارف

دست هڪ عام ۽ مهانگو مسئلو آهي جيڪو هر عمر جي ٻڪري ۽ رڍ کي متاثر ڪري سگهي ٿو. دست معدي جو مسئلو آهي جنهن ۾ جانورن جون پولڙيون نرم ۽ پاڻيدار ٿي وينديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن رت يا بلغم جهڙا داغ لڳل هوندا آهن. انهي جا ڪيترائي مختلف سبب آهن. انهي سان گڏ موت جو سبب بڻجي سگهن ٿا. جانورن کي دستن جهڙيون هلندڙ بيماريون واڌ جي شرح گهٽائڻ وارو نقصان بہ ڪري سگهن ٿيون.

## نشانيون

جانور وقفي وقفي ڪانپوءِ نرم پتڙو ڇيڻو ڪري ٿو، جيڪو جانورن جي جسم جي چوڏاري يا ٽنگن ۽ پڇ جي هيٺيان جمع ٿي ويندو آهي. دستن سان گڏ رت اچڻ جي شڪايت بہ هوندي آهي. جيتوڻيڪ جانورن کي قدرتي طور تي نرم دست ٿي سگهن ٿا جڏهن تہ سرسبز خوراڪ کائڻ سان بہ هلڪا دست ٿين ٿا، دستن واري بيماري جي ڪري وزن گهٽائڻ ، بک جي گهٽتائي، سستي، ذهني پريشاني يا بخار جو سبب بڻجندي آهي.
مخصوص نشانين جي لاءِ هيٺ ڏنل چارٽ  کي چيڪ ڪريو.

## جانورن ۾ دستن جي بيماري ڪيئن ٿئي ٿي؟

ٻڪرين يا رڍن ۾ دست هيٺين ٻڌايل ڪنهن بہ ڳالھ جي ڪري ٿي سگهن ٿا.



- **ڪيڙن وارا انفيڪشن:**”ڪيڙا“ ڪوردبيني سان ڏسجندڙ جيوڙا آهن جيڪي جانورن ۾ ساڳي چراگاهہ واري جاءِ تي چرڻ جي ڪري جانورن وچ ۾ منتقل ٿيندا آهن. چراگاهہ ڪيترن ئي مهينن جا خراب  ٿي سگهن ٿا، خاص ڪري ٿڌي يا سخت موسم واري وقت ڪيڙا گهڻ تعداد ۾ نقصان پهچائيندا آهن، پر وڏي قسم جا انفيڪشن خاص طور تي جوان ڦرڙن يا نسل وارن جانورن ۾ سخت جلاب ۽ بيماري جو سبب بڻجندا آهن. ٻڪري يا رڍ ٻين گڏجي هلندڙ جانور جهڙوڪ. ٻڪري، رڍ، ڳئون يا اٺ جي جيوڙن مان متاثر ٿي سگهن ٿا.
- **جراثيمن سبب انفيڪشن:** ٻڪري يا رڍ ۾ آلوده خوراڪ يا پاڻي جي ڪري جراثيم ٿي سگهن ٿا. صحتمند جانور قدرتي طور تي بغيرنقصان جي جراثيم پاڻ سان گڏ ڪٽي هلندا آهن. پرخوراڪ جي غير مناسب استعمال، گاڏين ۾ اچڻ وڃڻ يا خوراڪ ۾ اوچتو تبديلي جي ڪري بيماري ۾ مبتلاءِ ٿي سگهن ٿا.
- **خوراڪ جي اوچتو تبديلي:**چراڻي واري گاهہ جو جلدي وڌڻ ، سائوگاهہ ، نمڪيات واري خوراڪ جهڙوڪ ڪڻڪ يا جوَ يا خاص ٻوٽن جو استعمال ڪرڻ سان دست ٿي سگهن ٿا.

## دست يا جلاب واري بيماري جو معائنو



- جلاب جو اصل سبب لازمي طور تي سمجهڻ گهرجي ڇو جو انهيءَ سان صحيح علاج ڪري سگهجي ٿو: اهو شايد عام معلومات يا دستن جي سببن، مختلف عمر جي جانورن يا مختلف انتظامي حالتن جي ڪري ٿي سگهي ٿو.
- جيڪڏهن جانور ڪنهن بہ علاج سان صحيح نہ ٿئي  تہ جانورن جي ڊاڪٽر يا حيواني صحت وارو عملدار کي جانورن جي چڪاس ڪرائجي، جانورن جون پولڙيون/ دست يا رت جا نمونا چڪاس ڪرائجن تہ جيئن جيوڙن يا جراثيمن جي خبر پئجي سگهي.


THE UNIVERSITY OF MELBOURNE
UVAS UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES LAHORE
LIVESTOCK & DAIRY DEVELOPMENT DEPARTMENT GOVERNMENT OF THE PUNJAB
حکومت سندھ Government of Sindh
SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY TANDOJAM

## علاج ۽ احتياط

- عام علاج جو خلاصو هيٺ ڏنل چارٽ ۾ آهي. اهو ضرور ڏسجي تہ جانورن کي علاج ۾ دوا جو صحيح وزن ۽ وقت تي علاج تي وجڻ گهرجي.
- جانورن جي ڦرڙن کي شديد دستن جي صورت ۾ روزاني بنياد تي هڪ ڪوپ جيتري پاڻيءَ ۾ ضمني رطوبت ڏينهن ۾ چار دفعا پيارجي.
- جيڪڏهن جانور ليٽي پئي يا ويهي رهي تہ ان کي چانوءَ/ صاف جڳهہ ، تازو پاڻي ۽ خوراڪ فراهم ڪئي وڃي.
- جانورن جي پوئين حصي کي ضرورصاف رکيو وڃي تہ جيئن وڏي مک / مکي جي حملي کان بچائي سگهجي.
- جيڪڏهن دست جاري رهن ٿا تہ پنهنجي ويجهي جانورن جي ڊاڪٽر سان صلاح ڪريو.

## انفيڪشن يا ڦهلاءُ تي قابو ڪرڻ / صفائي

✓ گندا گهر ۽ جانورن جون ڪونيون بيماري جي جراثيم کي ڦهلائي سگهن ٿا. انهيءَ لاءِ انهن کي صاف رکڻ ضروري آهي.
✓ نئي ڄاول ٻار کي پس پيارڻ سان قوتِ مدافعت وڌي ٿي جيڪا بيماري يا انفيڪشن سان سِڌي ريت وڙهڻ ۾ ڦڙ جي مدد ڪري ٿو.
✓ ڪڏهن بہ نئي قسم جي خوراڪ کي ٻئي خوراڪ سان جلدي نہ بدلائجي، جيتوڻيڪ ٿوري ٿوري ڪري 4 کان 7 ڏينهن ۾ بدلائي سگهجي ٿي.
✓ نشاستي واري خوراڪ جهڙوڪ. (ڪڻڪ، جوَ ۽ چانور) 50 گرام شروع واري ڏينهن ۾ جانورن کي کارائجي، پوءِ آهستي آهستي هفتي يا ٻن هفتن ۾ خوراڪ کي گهرج مطابق وڌائجي.
✓ دستن ۾ مبتلا جانورن کي ٻين صحتياب جانورن کان الگ رکڻ گهرجي جيستائين اهي صحتياب نہ ٿين. ٻڪرين ۽ رڍن جي ڦرڙن کي بيماري جي صورت ۾ پنهنجي ماءُ سان گڏ ۽ ٻئي ڌڻ کان پري ٻڌجي.
✓ ڪجهہ جراثيم جيڪي جانورن ۾ دست پيدا ڪن ٿا اهي انسان کي بہ نقصان پهچائي سگهن ٿا. انهيءَ لاءِ بيمار جانورن ۾ هٿ وجهڻ کانپوءِ پنهنجي هٿن، پيرن ۽ پاتل بوٽن کي صابڻ ۽ صاف پاڻيءَ سان ڌوئڻ گهرجن.
✓

| جانورن جا قسم | دستن جا قسم | عام ڪارڻ | علاج | انفيڪشن يا ڦهلاءُ جا سبب | تصوير |
|---|---|---|---|---|---|
| گهر ۾ ٻينل رڍ ۽ ٻڪري جا ڦڙرا | چوٽ پاڻي وارا ساوا بدبودار | بيڪٽيريا ۽ ڪاڪسيڊيا جراثيم جي ڪري آنڊن ۾ ڦهلاءُ | • اسڪور-ايڪس يا انهيءَ جهڙي ڪا ٻي دوا<br>• 12 ملي ليٽر هر 10 ڪلوگرام وزن تي جانور ئي ڏينهن ۾ 3 دفعا 3 ڏينهن پياريو | جانورن کي گندي جاءِ تي رکيو ويو آهي، واڙي کي روز صاف نٿو کيو وڃي، جانورن کي گهٽ جاءِ تي رکيو ويو آهي يا ننڍن ۽ وڏن جانورن کي گڏ رکيو ويو آهي |  |
| چرائي تي ويندڙ ڦڙ يا وڏا جانور | دستن ۾ ڊپ گهٽ هوندي پر ڪارا ۽ نيم پاڻياڻي ٿيندا آهن | مفت خور جيوڙا | مفت خور جراثيمن يا جيوڙن (اينٽي پيراسائيٽ / اينٽي هيلمنٽ) کي مارڻ لاءِ هيٺ ڏنل دوائن جو ڪوبہ هڪ طريقو پيارڻ وارو ياسُئي واري جي چونڊ ڪريو.<br>• Ivermectin 1% 0.4 ملي ليٽر ٻڪري ۽ 0.2 ملي ليٽر رڍ کي چمڙي ۾سُئي هڻجي.<br>• 1.5Levamisole ملي ليٽر ٻڪري ۽ 1 ملي ليٽر رڍ کي پيارجي.<br>• Albendazole 4 ملي ليٽر ٻڪري ۽ 2 ملي ليٽر رڍ کي پيارجي.<br>هر دوا جو قسم 10 ڪلوگرام وزن جي مطابق ڏيڻ گهرجي. | چراگاه واري جاءِ تي گاه جي گهٽتائي يا جانور اتي چرائي ڪن جتي پهريان ئي دستن جي بيماري ۾ مبتلا جانور چرائي ڪري چڪا هجن. |  |

Australian Government
Australian Centre for International Agricultural Research
Australian Aid
Aik Saath
'Together'
THE UNIVERSITY OF MELBOURNE
UNIVERSITY OF VETERINARY AND ANIMAL SCIENCES LAHORE
LIVESTOCK & DAIRY DEVELOPMENT DEPARTMENT GOVERNMENT OF THE PUNJAB
حکومت سندھ
Government of Sindh
SINDH AGRICULTURE UNIVERSITY TANDOJAM